
محرم الحرام/صفر المظفر1446ھ/اگست 2024ء
ماہنامہ
فیضان
مدینہ
دعوتِ اسلامی
ویب ایڈیشن





# وڏن جي عزت ڪريو

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

مڪي مدني آقا، حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَمْ يَرْحَمْ صَغِيرَنَا وَيُوَقِّرْ كَبِيرَنَا يعني جيڪو اسان جي ننڍن تي رحم نه ڪري ۽ اسان جي وڏن جي عزت نه ڪري اهو اسان مان ناهي.

(ترمذی، 3/369، حديث: 1926)

مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ هن طرح جي حديثن جو مطلب بيان ڪندي فرمائن ٿا: اسان جي جماعت مان يا اسان جي طريقي وارن مان يا اسان جي پيارن مان ناهي يا اسان ان ڪان بيزار آهيون اهو اسان جي مقبول ماڻهن مان ناهي، هن جو هي مطلب ناهي ته اهو اسان جي امت يا اسان جي دين مان ناهي. (مرآۃ المناجيح، 6/ 560)

پيارا ٻارو! اسان جو دين، دينِ اسلام اسان جي هر پهلو تي تربيت ڪندو آهي ۽ معاشري ۾ ماڻهن سان اسان جو انداز ۽ ورتاءُ ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ ان باري ۾ به اسان جي رهنمائي ڪندو آهي. يقيناً هر انسان جي طبيعت ۾ هي شامل آهي ته اهو پسند ڪندو آهي ته ان سان چڱو سلوڪ ڪيو وڃي ان جي عزت ڪئي وڃي، ماڻهن جي سامهون ان کي چڱن لفظن سان پڪاريو وڃي وغيره وغيره.

سُلڇڻا ٻارو! توهان کي به گهرجي ته جيڪي توهان کان عُمر يا علم ۾ وڏا هجن انهن جي عزت ڪيو، سهڻي انداز ۽ چڱن لفظن سان انهن کي پڪاريو، انهن سان ادب و احترام ۽ عزت سان پيش اچو، بي ادبي، بدتميزي ۽ گارگند وارو معاملو هرگز ڪنهن سان به نه اپنايو.

اهڙيءَ طرح توهان کي گهرجي ته جيڪي ٻار عُمر ۾ توهان کان ننڍا آهن حديثِ پاڪ تي عمل ڪندي انهن سان رحم و شفقت ۽ پيار و محبت سان پيش اچو انهن کي اجايو مارڻ، [illegible] ڌمڪائڻ کان بچو.

الله پاڪ اسان کي مبارڪ حديثون پڙهي ڪري عمل جي توفيق عطا فرمائي.



ڪجھ نيڪيون ڪمائي وٺو!

# عرش جو سايو ڏيارڻ واريون نيڪيون (قسط1)

محمد نواز عطاري مدني

ڪيئي حديثن ۾ مختلف عملن جي بنياد تي ڪيترن ئي ماڻهن کي قيامت جي ڏينهن عرش جو سايو ملڻ جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. اچو ڏسون ٿا ته اهي ڪهڙا خوشنصيب ماڻهو آهن ته جيئن اسين پاڻ کي به انهن ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون.

## الله جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت رکڻ

رسولِ بي مثال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا ته الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ارشاد فرمائيندو: اهي ماڻهو ڪٿي آهن جيڪي صرف منهنجي عزت ۽ جلال جي ڪري هڪ ٻئي سان محبت رکندا هئا. اڄوڪي ڏينهن جڏهن منهنجي عرش جي سايي کان سواءِ ڪو ٻيو سايو ناهي، مان انهن کي پنهنجي عرش جي سايي ۾ جاءِ ڏيندس. (موطاامام مالک،2 / 438، حديث: 1825)

## پنهنجن اخلاقن کي پاڪ رکڻ

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيْهِ السَّلَام ڏي وحي موڪلي ته اي منهنجا خليل! بيشڪ مون اها ڳالھ لکي آهي ته جنهن پنهنجي اخلاقن کي سٺرو رکيو مان کيس پنهنجي عرش جي سايي ۾ جاءِ ڏيندس، ۽ کيس حظيرة القدس (يعني جنت) مان سيراب ڪندس ۽ پنهنجي رحمت جو قرب عطا ڪندس. (المعجم الاوسط ، 5/ 37، حديث: 6506)

## اکين جي حفاظت ڪرڻ، وياج ۽ رشوت کان بچڻ

حضرت اُمِّ درداء رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان موقوفاً روايت آهي ته حضرت موسیٰ بن عمران عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي منهنجا رب! حظيرة القدس (يعني جنت) ۾ ڪير رهندو ۽ ان ڏينهن ڪير تنهنجي عرش جي سايي ۾ هوندو جنهن ڏينهن تنهنجي (عرش جي) سايي کان سواءِ ڪو ٻيو سايو نه هوندو؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)! هي اهي ماڻهو آهن جن جون اکيون ڪڏهن زنا جي طرف ناهن اُٿنديون ۽ جيڪي پنهنجي مال ۾ وياج جا طلبگار ناهن هوندا ۽ جيڪي پنهنجي فيصلن تي رشوت

ناهن وننداء هي ئي اهي ماڻهو آهن جن لاءِ خوشخبري ۽ سٺو ٺڪاڻو آهي. (شعب الايمان، 4 / 392، حديث: 5513)

## ٻُڪ اختيار ڪرڻ

پياري آقاء مڪي مدني مصطفٰی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: دنيا ۾ ٻُڪ اختيار ڪندڙ ماڻهن جا روح الله پاڪ قبض فرمائيندو آهي ۽ انهن جو حال اهو هوندو آهي جو جيڪڏهن غائب ٿي وڃن ته انهن کي ڳولهيو ناهي ويندو، جيڪڏهن موجود هجن ته سڃاتو ناهي ويندو، دنيا ۾ پوشيده هوندا آهن پر آسمانن ۾ انهن جي شهرت هوندي آهي، جڏهن جاهل ۽ بي علم شخص انهن کي ڏسي ٿو ته انهن کي بيمار سمجهي ٿو جڏهن ته اهي بيمار ناهن هوندا بلڪ انهن کي الله پاڪ جو خوف دل ۾ هوندو آهي، قيامت جي ڏينهن اهي ماڻهو عرش جي سايي ۾ هوندا جنهن ڏينهن ان کان سواءِ ڪو ٻيو سايو نه هوندو. (مسند فردوس الاخبار، 1 / 335، حديث: 1659)

## عرش جو سايو ڏيارڻ واريون ٽي عادتون

رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ٽي عادتون جنهن شخص ۾ هونديون الله پاڪ کيس پنهنجي عرش جو سايو عطا فرمائيندو، (1) ڏکي وقت ۾ وضو ڪرڻ (2) اونداهي ۾ مسجدن ڏانهن هلڻ ۽ (3) بُکئي کي کاڌو کارائڻ. (الترغيب الترهيب، 1 / 447، حديث: 1417)

## تنگدست کي مهلت ڏيڻ ۽ ناسمجھ سان تعاون ڪرڻ

حضرت جابر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا ته مون حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻڌو آهي: الله پاڪ قيامت جي ڏينهن انهيءَ شخص کي پنهنجي عرش جي سايي ۾ جاءِ عطا فرمائيندو جنهن تنگ دست کي مهلت ڏني يا ڪنهن ناسمجھ سان تعاون ڪيو. (المعجم الاوسط، 6/40، حديث: 7920)

## وڏيڪ 6 قسم جا ماڻهو جيڪي عرش جي سايي ۾ هوندا

هڪ حديث پاڪ ۾ الله جي خاطر باهمي محبت رکڻ وارن سميت انهن ڇهن ماڻهن کي به عرش جو سايو ملڻ وارو ٻڌايو ويو آهي: (1) عادل حڪمران (2) اهو نوجوان جنهن الله پاڪ جي عبادت ۾ پنهنجي زندگي گذاري (3) اهو شخص جنهن جي دل هر وقت مسجدن ۾ لڳل رهي (4) اهو شخص جنهن کي منصب ۽ جمال واري ڪا عورت گناھ لاءِ سڏ ڪري ۽ اهو چئي ته مان الله پاڪ کان ڊڄان ٿو (5) اهو شخص جيڪو اهڙي طرح لڪي صدقو ڏئي جو ان جي کابي هٿ کي خبر نه پئي ته ساڄي هٿ ڇا صدقو ڏنو. (6) اهو شخص جيڪو اڪيلي ۾ الله پاڪ کي ياد ڪري ۽ ان جي اکين مان ڳوڙها وهن. (بخاری، 1 / 236، حديث: 660مسلم، ص399، حديث: 2380)

حضرت سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي روايت ۾ جن ست قسم جي ماڻهن جو ذڪر آهي جن مان 5 پوئين روايت ۾ به بيان ٿي

چڪا ۽ هي آهن:
(1) اهو شخص جيڪو نماز جي وقتن لاءِ سج جي رعايت ڪري (يعني وقت تي نماز پڙهي) ۽ (2) اهو شخص جيڪڏهن ڳالهائي ته علم جي ڳالهه ڪري ۽ جيڪڏهن خاموش رهي ته حلم سبب خاموش رهي. (ڪتاب الزهد لامام احمد بن حنبل، ص 173، حديث 819)

## حرام شين کان بچڻ، راهِ خدا ۾ پهرو ڏيڻ

هڪ روايت ۾ وڌيڪ انهن ٻن ماڻهن کي به عرش جو سايو ملڻ وارن ۾ شمار ڪيو ويو آهي: (1) اهو شخص جنهن الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کان پنهنجي اک کي بچايو. (2) اها اک جنهن الله پاڪ جي راهه ۾ پهرو ڏنو. (جامع الصغير، ص 285، حديث: 4647)

## واپار ۾ سچائي کي اختيار ڪرڻ

اهو واپاري جيڪو خريد و فروخت ۾ حق جو معاملو ڪري (اهو به عرش جو سايو حاصل ڪندو) (الکامل في ضعفاء الرجال، ج8/ 408)



روشن تارا

# حضرت اُسامہ بن زید رَضِیَ اللہُ عَنْہُما

ڈاکٹر ظھور احمد دانش عطاري مدني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو الله ۽ سندس رسول سان محبت ڪري ٿو ان کي گھرجي تہ اسامہ سان بہ محبت ڪري (سير اعلام النبلاء، 120/4).

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت اسامہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا والد محترم مشهور صحابيِ رسول حضرت زيد بن حارثہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن تہ والده محترمہ نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رضاعي والده حضرت اُمِّ اَيمن رَضِيَ اللهُ عَنْها آهن. (مراٰۃ المناجيح،505/6) سندن مڪي ۾ پيدا ٿيا ۽ اتي ئي پلجي وڏا ٿيا اسلام کان علاوه ڪنهن بہ مذهب جي ويجهو نہ ويا. ڪين والدِ ماجد حضرت زيد سان هجرت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي.(تاريخ ابن عساڪر، 249/4) سندن قد ڊگهو ۽ نڪ سنهو ۽ بلند هو. خوش مزاج ۽ ملنسار هئا. انتظامي معاملات سنڀالڻ ۾ ماهر، سمجهدار ۽ بهادر هئا.(سير اعلام النبلاء، 120/4)

## بارگاهِ رسالت

حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ سندن حيثيت گهر جي فرد جيان هئي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪائنس تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. (فيضانِ صديق اڪبر، ص 350) ۽ ڪجھ خاص موقعن تي ڪائنس گڏ رکندا هئا ڪجھ مثالون ملاحظ ڪريو: سن 7 هجري ۾ سرڪارِ دو عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمرو ادا ڪرڻ لاءِ تشريف وٺي ويا تہ پاڻ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٺيان اُٺ تي سوار هئا ۽ انهيءَ حالت ۾ مڪي ۾ داخل ٿيا. (بخاري، 306/2، حديث: 2988 ملخصاً)

8 هجري مڪي جي فتح جي موقعي تي بہ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پٺيان سوار هئا. (بخاري 188/1، حديث: 505 ملخصاً) انهيءَ موقعي تي نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪعبة الله شريف ۾ داخل ٿيا تہ حضرت اسامہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بہ ساڻ هئا. (فتاوىٰ رضويہ، 437/21بتغير) حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان هڪ ڈول پاڻي گهرائي خود پاڻ ڪپڙو آلو ڪري ڪعبي ۾ موجود تصويرن کي مٽائڻ ۾ شرڪت ڪئي. (سير اعلام النبلاء، 121/4ـبخاري، 563/1، حديث: 1686)

10هجري حجةُ الوداع جي موقعي تي نبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وقوفِ عرفہ کان پوءِ حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو انتظار ڪيو ۽ مزدلفہ روانگي ڪي مؤخر ڪيو تان جو جڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ آيا تہ کين عرفات کان مزدلفہ تائين پنهنجي پنيان سواري تي ويهڻ جو شرف بخشيو.

## سپہ سالار

11 هجري ماهِ صفر ۾ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت اسامہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي سربراهيءَ ۾ 700 مجاهدين جو لشڪر روانو ڪيو، جنهن ۾ حضرت عمر فاروق ۽ ڪيترا ئي اڪابر صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم شامل هئا پر پياري آقا جي ظاهري وفات جي سبب هي لشڪر واپس موٽي آيو.(سير اعلام النبلاء، 119/4،ڪنز العمال، جزء5، 241/3، حديث:14062) ان وقت سندن عمر 18 يا 19 سال هئي. پوءِ حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي انهي معرڪي لاءِ ٻيهر روانو ڪيو تہ پاڻ 35 ڏينهن کان پوءِ ڪامياب ٿي موٽيا.

## بارگاهِ فاروقي

جڏهن فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کين ڏسندا هئا تہ چوندا هئا: "اي امير! توتي سلام هجي". هڪ ڀيرو حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان جو سبب پڇيو تہ فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ارشاد فرمايو: "آءُ توکي ائين ئي امير پڪاريندو رهندس جو تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصالِ ظاهري وقت توهان اسان جي لشڪر جا امير هئا." (سير اعلام النبلاء، 121/4، البداية و النهاية، 562/5)

حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پنهنجي خلافت جي دور ۾ سندن تنخواه 3500 درهم مقرر ڪئي ۽ پنهنجي پٽ حضرت عبدالله جي تنخواه 3000 درهم مقرر ڪئي. پٽ عرض ڪيو: "اوهان حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي مون تي فضيلت ڏني آهي، حالانڪ آءُ انهن جنگين ۾ بہ شريڪ ٿيو آهيان جنهن ۾ هو شريڪ نہ ٿي سگهيا؟" فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمايو: "بيشڪ! بارگاهِ رسالت ۾ توکان وڌيڪ اسامہ محبوب هئا ۽ تنهنجي والد عمر کان وڌيڪ اسامہ جا والد زيد محبوب هئا، مون رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن کي پنهنجي پيارن تي ترجيح ڏني آهي".(سير اعلام النبلاء، 121/4 البداية و النهاية، 562/5)

## والده سان محبت

حضرت اسامہ بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا پنهنجي والده محترمہ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. هڪ ڀيرو مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي دور خلافت ۾ کجيءَ جي هڪ وڻ جي قيمت هڪ هزار درهم تائين پهچي چڪي هئي. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان وڻ وٽ ويا ۽ ان جي مٿئين حصي کي ڪٽي ڇڏيو. پوءِ اندر کان ان جو ڪؤنر

ڪڍي پنهنجي والده کي کارائي. حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ ان جو سبب پڇيو ته پاڻ عرض ڪيو: منهنجي ماءُ مون کان ان جي ڪاٺڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي ۽ منهنجي والده مون کان جيڪا به شيءِ گهرندي آهي ۽ اها منهنجي وس ۾ هوندي آهي ته مان اها شيءِ پنهنجي والده کي ضرور پيش ڪندو آهيان. (چون ٿا ته کجيءَ جي وڻ جي اندر جو ڪؤنر ڪاٺڻ "سل" نالي بيماري ۾ تمام گهڻو فائدي مند آهي). (تاريخ ابن عساکر، 60/2۔ 70/8)

## درٻارِ امير مُعاويہ

حضرت اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ سندن تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. هڪ ڀيرو حضرت اُسامه رضی اللہ عنہ (پوڙهائپ ۾) حضرت اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ وٽ آيا ته حضرت اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ کين پنهنجي پرسان ويهاريو ۽ تمام گهڻي عزت ۽ احترام جو معاملو ڪيو.

## عادات

پاڻ هر سومر ۽ خميس جو روزو رکندا هئا. هڪ ڀيرو غلام عرض ڪيو: توهان ضعيف ۽ ڪمزور ٿي چڪا آهيو، پر پوءِ به خاص انهن ڏينهن جا روزا رکندا آهيو؟ پاڻ فرمايائون: پيارا نبي صلی اللہ علیہ والہ وسلم به انهن ٻن ڏينهن جا روزا رکندا هئا. (تاريخ ابن عساکر، 60/2۔ 70/8)

هڪ ڀيرو پاڻ رضی اللہ عنہ نبيّ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جي روضي انور جي دروازي وٽ ليٽي پيا ۽ بلند آواز سان شعر پڙهڻ لڳا. هڪ ڀيرو روضي پاڪ جي پرسان نماز پڙهي رهيا هئا ته اُتان مروان جو گذر ٿيو، مروان چيو: ڇا تون قبرِ انور جي پرسان نماز پڙهي رهيو آهين؟ پاڻ فرمايائون: مان حضورِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلم سان محبت ڪريان ٿو. اهو ٻڌي مروان هڪ نهايت بُري ڳالهه ڪئي ۽ اُتان هليو ويو. پاڻ رضی اللہ عنہ ان جي پويان ويا ۽ ارشاد فرمايو: "اي مروان! تون عادتاً به ۽ ڄاڻي واڻي به بيهودا گفتگو ڪرڻ وارو آهين".

## رهائش ۽ وفات

وادي قُريٰ ۾ حضرت اُسامه رضی اللہ عنہ جي ڪجھ جائيداد هئي جتي پاڻ ويندا هئا. (ترمذي، 445/5، حديث: 3839، اسد الغابه، 102/1) پاڻ شهر دمشق جي آسپاس جي هڪ وڏي بستي مِزّه ۾ رهائش رکي پوءِ اُتان مديني ۽ شام جي وچ ۾ وادي قُرّيٰ ۾ سڪونت پذير ٿي ويا، پوءِ مديني تشريف وٺي آيا. 54 هجري (مديني کان 3 ميل پري) مقام جُرُف ۾ سندن وصال ٿيو.

(مستدرک، 780/4، حديث: 6590)

## مرويات

حضرت اسامه بن زيد رضی اللہ عنہما کان 128 حديثون روايت ڪيون ويون آهن، جن مان 15 بالاتفاق بخاري ۽ مسلم ۾ آهن، جڏهن ته انفرادي طور تي هڪ حديث بخاري ۾ ۽ ٻه حديثون مسلم شريف ۾ آهن. (سير اعلام النبلاء، 124/4، 125)




# ٻارن ۾ اسڪرين جو وڌندڙ رجحان

جديد دور جي نئين ٽيڪنالاجي جتي انسان لاءِ آسانيون پيدا ڪيون آهن، اتي انساني زندگيءَ ۾ منفي اثرات پڻ مرتب ڪيا آهن. پر هتي اسان توهان کي ٽيڪنالاجي جي منفي اثرات بابت نه، البت پنهنجي ٻارن کي اسڪرين جي جادوءَ مان ڪڍڻ جا طريقا ضرور ٻڌائينداسين.

اَڄ والدين ۽ ٻارن جي وچ ۾ وڏي دوري اَچي چڪي آهي ٻار موبائل ۽ ليپ ٽاپ انٽرنيٽ جي دنيا سان ايترا مانوس ٿي ويا آهن جو انهن وٽ والدين لاءِ وقت ئي ناهي ۽ والدين به غير ذميواريءَ جو ثبوت ڏيندي ٻارن کي اسڪرين جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. نتيجي طور، جڏهن ٻار هٿن مان نڪري ويا ته والدين هاڻي اسڪرين مان جان ڇڏائڻ جا طريقا ڳولي رهيا آهن.

هن مضمون ۾ مختلف طريقا ڏنا ويا آهن جن جي مدد سان توهان حڪمت ۽ دانائي سان هن مسئلي مان نڪري سگهو ٿا. اچو ته اهي طريقا ڄاڻون ٿا:

ڊاڪٽر ظهور احمد دانش عطاري مدني

**(1) حدود(حدون) مقرر ڪريو** (Set Limits): موجوده دور ۾ اسڪرين جو استعمال هڪ ضرورت بڻجي چڪو آهي. ان ڪري هاڻي توهان ٻارن کي مڪمل طور تي ان جي استعمال کان روڪي نٿا سگهو. تنهنڪري ان جو بهترين حل اهو آهي ته توهان ڪجھ حدود ۽ قاعدا قائم ڪريو. ٻارن کي ٻڌايو پٽ هي هي اوهان استعمال ڪيو، ان کان علاوه توهان جو ڪم ناهي. انهن اصولن کي مستقل طور تي نافذ ڪريو ۽ يقيني بڻايو.

**مثال بڻجو:**

ٻار اڪثر وڏن جي رويي جي نقل ڪندا آهن تنهنڪري پنهنجي اسڪرين جي استعمال جو خيال رکو. پنهنجي اسڪرين جي وقت کي محدود ڪري پڙهڻ، مشغوليات، يا ٻاهر وقت گذارڻ جهڙين متبادل سرگرمين ۾ مشغول ٿي ڪري انهن لاءِ هڪ مثال بڻجو. ته جيئن ٻار به توهان کي ڏسي ڪري ڊجيٽل ڊيوائسز جي معاملي ۾ ٽائيم ٽيبل ٺاهي سگهن.

**هڪ جاءِ چونڊيو:**

پنهنجي گهر جي هر ڪمري ۾ ڊجيٽل ڊيوائسز جو استعمال هرگز نه ڪريو. هن عادت سان ٻار به اسڪرين جي استعمال ۾ بيباڪ ٿيندا ۽ اُهي به هر هنڌ موبائل، ليپ ٽاپ جي استعمال ۾ ڪا جهجڪ محسوس نه ڪندا. لهٰذا ان جي لاءِ گهر ۾ جڳهه مخصوص ڪيو ته جيئن ٻار جتي پنهنجا ڊاڪومينٽس ۽ انٽرنيٽ جي حوالي سان ڪم ڪري سگهن. ان جو فائدو هي ٿيندو ته ٻار هر وقت موبائل کڻي نه گهمندا. خاندان جي افراد سان

آمهون سامهون ڳالھ ٻولھ کي فروغ ڏيو ان وقت کوبہ اسڪرين کي نہ ڏسي.

## متبادل سرگرميون فراهم ڪريو:

اسڪرين ٽائيم کي تبديل ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جون مشغول سرگرميون پيش ڪريو، جهڙوڪ آرٽس ۽ دستڪاري، راند، بورڊ گيمز، يا راندين جا مختلف قسم. ٻارن جي حوصلہ افزائي ڪيو تہ جيئن اهي پنهنجون دلچسپيون تہ جيئن اهي لطف اندوز ٿيندڙ سرگرميون ڳولي سگهن.

## اوقات مقرر ڪريو:

ڏينهن جي دوران مخصوص اوقات قائم ڪريو. جڏهن اسڪرين جي حد بند هجي ان وقت ٻار ڪنهن بہ طور تي ان کي استعمال نہ ڪن جيئن ڪاڌي دوران، سمهڻ کان پهريان، يا خانداني سرگرمين دوران. ان وقت کي پنهنجي ٻارن سان ڳنڍڻ ۽ خانداني رشتن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريو.

## تعليمي مواد فراهم ڪريو:

جڏهن ٻار اسڪرين ۾ مشغول هجن تہ انهن جي همت افزائي ڪريو تہ اهي تعليمي ۽ عمر جي لحاظ سان سٺي مواد سان مشغول ٿين. اهڙيون ايپس، گيمز ۽ وڊيوز ڳوليو جيڪي سکڻ، تخليقي صلاحيتن ۽ تنقيدي سوچ جي مهارت کي وڌائين .

## کُلي دل سان گفتگو ڪيو:

پنهنجن ٻارن سان اسڪرين ٽائيم کي بين سرگرمين سان متوازن ڪرڻ جي اهميت بابت ڳالهايو. ضرورت کان وڌيڪ اسڪرين استعمال ڪرڻ جي منفي اثرات کي سمجهڻ ۾ انهن جي مدد ڪريو، جيئن تہ نظر ڪمزور ٿيڻ، ذهن تي خراب اثر ۽ اهڙن ٻين نقصانن کان آگاهہ ڪريو.

## اسڪرين فري بيڊ ٽائيم روٽين قائم ڪريو:

سمهڻ جي وقت جو هڪ آرامده معمول ٺاهيو جنهن ۾ اسڪرين شامل نہ هجي. ٻارن کي سمهڻ کان پهريان آرام ڪرڻ ۽ ننڊ جي بهتر معيار کي وڌائڻ لاءِ پڙهڻ، تلاوت ۽ نعت پڙهڻ، ڪهاڻي ٻڌائڻ، ڪوئيز مقابلي جهڙين سرگرمين جي همت افزائي ڪريو.

## نگراني ۽ جاچ پڙتال:

پنهنجن ٻارن جي اسڪرين استعمال تي نظر رکو ۽ جيڪڏهن ضروري هجي تہ مداخلت ڪريو. اسڪرين ٽائيم کي ٽريڪ ڪرڻ ۽ نامناسب مواد تائين رسائي کي روڪڻ لاءِ پيرنٽل ڪنٽرولز ۽ مانيٽرنگ ايپس جو استعمال ڪريو. انهن حڪمت عملين کي مستقل طور تي نافذ ڪرڻ ۽ هڪ معاون ماحول فراهم ڪرڻ سان، توهان ٻارن کي اسڪرين جي ضرورت کان وڌيڪ استعمال جي عادت کي ٽوڙڻ ۽ صحتمند اسڪرين جون عادتون پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهو ٿا.

اسان کي اميد آهي تہ والدين انهن طريقن تي عمل ڪري پنهنجن ٻارن کي اسڪرين جي بيجا استعمال کان بچائي سگهن ٿا. الله پاڪ اسان کي پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ اسان جي اولاد کي نيڪ ٺاهي. اٰمين بجاهِ خاتَمِ النَّبِیّین صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم.




# هٿ مبارڪ جي برڪت

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

سڀ کان آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جامعُ الْمُعجزات ھئا، اڪثر طور پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات کان طرح طرح جا حيرت انگيز معجزا ظاھر ٿيندا ھئا. اچو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ھڪ باڪمال معجزو پڙھو:

حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مان عُقبہ بن ابي مُعيط جون ٻڪريون چاريندو ھيس.

ھڪ ڏينھن رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سان گڏ مون وٽان گذريا ۽ فرمايائون: اي ڇوڪرا! ڇا توھان وٽ کير آھي؟ مون عرض ڪيو: جي ھا، پر مان ھن تي اَمين آھيان. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ڇا توھان وٽ ڪا اھڙي ٻڪري آھي جنھن تي نَر جانور نہ آيو ھجي (يعني جيڪا ھاڻي کير نہ ڏيندي ھجي)؟ تہ مان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ اهڙي ٻڪري ڪاھي آيس، نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي ٿڻن تي ھٿ ڦيريو تہ ان جي ٿڻن ۾ کير لھي آيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھڪ ٿانوَ ۾ ان جو کير ڏُڌو، پاڻ بہ پيتائون ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي بہ پياريائون، پوءِ ٻڪري جي ٿڻن کي فرمايائون تہ سُڪي وڃو تہ ٻڪري جا ٿڻَ سُڪي ويا. مان ڪجھ دير کان پوءِ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آيس ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيُم: مونکي بہ ھي سيکاريو. حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منھنجي مٿي تي شفقت جو ھٿ ڦيريو ۽ مونکي دعا ڏني تہ الله پاڪ توتي رحمتون نازل فرمائي، بيشڪ تون سمجھدار ڇوڪرو آھين. (مسند احمد، 82/6، حديث:3598)

ياد رھي تہ ٻڪري ھميشہ کير ناھي ڏيندي بلڪ مخصوص حالات ۾ ڏينھن ۾ ان جي ٿڻن ۾ کير لھندو آھي، انھن ڏينھن جي علاوہ ان جا ٿڻ خُشڪ ھوندا آھن، پر ھن واقعي ۾ بنا کير واري ٻڪري جا ٿڻَ کير سان ڀرجي وڃڻ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ھٿن جي لَمس (يعني ڇُھڻ) جو عظيم معجزو آھي.

جيڪڏھن اسان ڪنھن شيءِ تي اَمين ۽ مُحافظ ھجون تہ اسان کي امانت جو حق ادا ڪرڻ گھرجي.

ڪنھن ڪم کي ڪرڻ جي لاءِ ان جو بھتر ۽ صحيح پھلو اختيار ڪرڻ گھجي.

رڳو پنھنجي ضرورت کي ڏِسڻ جي بدران پاڻ سان گڏوگڏ ٻين جي ضرورت جو بہ احساس ھجڻ گھرجي.

کائڻ پيئڻ ۾ استعمال جون شيون ضرورت جي وقت ٻين سان گڏ شيئر ڪرڻ گهرجن ملي جلي ڪري کائڻ ۾ برڪت هوندي آهي.

اسان کي گهرجي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي شيءِ استعمال جي لاءِ وٺون تہ ان کي صحيح حالت ۾ واپس ڪيون.

وڏن کي گهرجي تہ سمورا ڪم ننڍن کان ڪرائڻ جي بدران پنهنجي حيثيت ۽ شان جي مطابق ڪجھ ڪم خود پنهنجي هٿ سان بہ ڪن جو ننڍن تي شفقت بہ هجي ۽ انهن جي تربيت بہ.

جيڪڏهن اسان ننڍن جي ڪا ڳالھ پوري نہ ڪرڻ چاهيون يا ڪنهن ڳالھ جو جواب ڏيڻ مناسب نہ سمجهون تڏهن بہ اسان کي گهرجي تہ انهن کي ان ڳالھ تي دڙڪا ڏيڻ کان بچون ۽ نرمي ۽ شفقت سان ڳالھ کي ڪو چڱو رخ ڏئي ڪري ختم ڪري ڇڏيون.



# حضرت سائب بن يزيد رَضِیَ اللہُ عَنہُما

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ جن خوش نصيب ٻارن حاضري ڏني انهن ۾ حضرت سائب بن يزيد رَضِیَ اللہ عَنْہ به شامل آهن، اچو! سندن ننڍپڻ جي مختصر سيرت پڙهون ٿا:

## مختصر تعارف

سندن ولادت 2 هجري ۾ ٿي، پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ حضرت عبدُ الله بن زبير ۽ حضرت نعمان بن بشير جا هم عُمر هئا. (الاستيعاب فی معرفة الاصحاب، 144/2) پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ 7 سال جي عُمر ۾ پنهنجي والد صاحب سان گڏ نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي رفاقت ۾ حجةُ الوداع ۾ شريڪ ٿيا. (ترمذی، 270/2، حديث: 926) پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ کان 22 مبارڪ حديثون مروي آهن، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال جي وقت پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ تقريباً 8 سالن جا هئا. (الاعلام للزرکلی، 68/3)

## ننڍپڻ جو يادگار واقعو

پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ پنهنجي ننڍپڻ جو هڪ يادگار واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: مونکي ياد آهي ته جڏهن حضورِ اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم غزوهٔ تبوڪ کان واپس تشريف ڪٺي اچي رهيا هئا ته مان به ٻارن سان گڏ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي استقبال جي لاءِ ثنيةُ الوداع جي طرف ويو هيس. (بخاری، 151/3، حديث: 4427)

## حُضور مٿي تي هٿ گهمايوءِ برڪت جي دعا ڏنائون

پاڻ رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: مونکي منهنجي ماسي نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ وٺي ويون ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجو ڀاڻيجو بيمار آهي، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ منهنجي لاءِ برڪت جي دعا فرمائي، پوءِ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن وضو فرمايو ته مون پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي وضو جو پاڻي پيتو، پوءِ مان پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي پٺيان بيٺُس ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪُلهن جي وچ ۾ مهرِ نبوت ڏٺي. (بخاری، 89/1، حديث: 190)

## مٿي جا وچان وارَ ڪارا

حضرت عطاء رَحمۃُ اللہ عَلَیْہ فرمائن ٿا ته حضرت سائب بن يزيد رَضِیَ اللہ عَنہُما جي مٿي جا وچان وارَ ڪارا هئا، جڏهن ته بقيه مٿي ۽

ڏاڙهي جا وارَ اڇا هئا، مون پڇيو: اي منهنجا آقا! الله پاڪ جو قسم! مون اوهان جي مٿي جهڙو ڪو مٿو ناهي ڏٺو جو مٿي جو هي حصو اڇو ۽ هي حصو ڪارو. حضرت سائب بن يزيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا چيو: اي منهنجا پٽ! ڇا مان اوهان کي هن جي باري ۾ نه ٻڌايان؟ مون سندن بارگاهه ۾ عرض ڪيو ڇو نه ضرور ٻڌائيندا. ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چيو: مان ننڍپڻ ۾ ٻارن سان گڏ کيڏي رهيو هيس ته رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽان گذريا ته مون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي سلام ڪيو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سلام جو جواب ڏنو ۽ فرمايائون: تون ڪير آهين؟ مون عرض ڪيو: مان سائب بن يزيد آهيان. حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي مٿي تي شفقت جو هٿ گهمايو ۽ مونکي برڪت جي دعا سان نوازيو. الله پاڪ جو قسم! هي وارَ ڪڏهن به اڇا نه ٿيندا، هميشه ائين ئي رهندا. (تاريخ ابن عساکر، 115/20)

## وصال

سندن وصال سن 94 هجري ۾ مديني پاڪ ۾ ٿيو. (تهذيب الاسماء واللغات، 203/1)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم.

ڏيئرن جي تربيت

امّ ميلاد عطاريہ



# نياڻين کي گهرداري جا ڪم سيکارڻ

هر ماءُ چاهيندي آهي تہ وقت جا ڏک ۽ تڪليفون سندس اولاد تائين نہ پهچن، هوءَ چاهيندي آهي تہ سندس اولاد کي هر آسائش ملي خاص ڪري ڌيءَ جي معاملي ۾ ماءُ ڏاڍي حساس هوندي آهي ۽ ان کي بهترين تعليم ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، اسڪول، ڪاليج، مدرسي مان موٽندي آهي تہ ان لاءِ ماني تيار ڪري رکندي آهي، ڪنهن بہ ڪم کي هٿ ناهي لڳائڻ ڏيندي، جڏهن امتحان جا ڏينهن هوندا آهن تہ مائرن جي حساسيت اڃا بہ وڌي ويندي آهي، هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي ڪاڌي پيتي جو تہ خيال رکندي ئي آهي گڏو گڏ ان کي گهر جي هر ڪم کان آزاد ڪري ڇڏيندي آهي پنهنجي ڌيءَ جي ٿڪاوٽ جو تمام گهڻو احساس ڪندي آهي.

ياد رکو! جتي ماءُ پنهنجي ڌيءَ کي دنيا جا لاهہ چاڙهہ سيکاريندي، معاشري ۾ ڪيئن رهڻو آهي ۽ دنيا وارن سان ڪيئن هلڻو آهي سيکاريندي آهي، اتي ضرورت هن ڳالهہ جي بہ آهي تہ مائرون پنهنجي ڌيئرن کي پيار محبت سان گهرداري بہ سيکارينديون رهن، ڇو تہ اسان جي سماج ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ ڌيءَ کي تعليم تہ سيکاري ويندي آهي ۽ جيئن ئي تعليم مڪمل ٿيندي آهي، ان جو ڪو سنو ۽ مناسب رشتو جيڪڏهن اچي وڃي تہ پوءِ ان جي شادي بغير ڪنهن دير جي ڪئي ويندي آهي ۽ ان دوران هن ڌيءَ کي ايترو موقعو بہ ناهي ملندو تہ اها گهر جو ڪم ڪار سکي سگهي ڇو تہ شاگردي واري دور ۾ تہ هن جي ٿڪاوٽ جو احساس ڪندي هن کي ڪاڌو پچائڻ، گهريلو ڪم وغيره ڪان هن کي پري رکيو ويندو هو، پر پوءِ جڏهن هن ڌيءَ جو سنو رشتو ايندي ئي هن جي شادي ڪئي وئي تہ هاڻي هن ڌيءَ کي ڪاڌو پچائڻ، گهرداري نہ اچڻ جي سبب ساهرن ۾ شرمندگي ٿيندي.

ان لاءِ ضروري آهي تہ ڌيءَ جي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏيندي ان کي شادي کان اڳ ئي پيار محبت سان گهرداري جا ڪم سيکارڻ شروع ڪيا وڃا تہ جيئن شادي کان پوءِ ان کي ڪنهن بہ قسم جي پريشاني نہ ٿئي، اهڙو رويو نہ هئڻ گهرجي جو سجو ڌيان گهر جي ڪمن ڏانهن هجي ۽ ڌيءَ کي تعليم ۽ تربيت کان محروم رکيو وڃي ۽ نہ وري اهڙي

سختي ڪئي وڃي جو ڌيءُ انهن گهريلو ڪمن کان ئي بيزار ٿي وڃي ۽ انهن ڪمن کان بچڻ جا رستا ڳوليندي رهي. تعليم به ڏني وڃي ان لاءِ وقت به ڏنو وڃي ۽ انهيءَ عمر ۾ گهريلو ڪم ڪار به محبت ۽ حڪمت عملي سان سيکاريا وڃن.

پنهنجي گهر جو ڪم ڪار پاڻ ڪري وٺڻ عورت لاءِ ڪنهن شرم جو باعث ناهي بلڪ گهر جي خوشين ۽ عزتن جو نسخو آهي. پاڻ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقدس نياڻي حضرت فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جيڪي جنتي خاتون آهن، سندن جو به اهو ئي معمول هو ته هوءَ پنهنجي گهر جو سڄو ڪم پنهنجن هٿن سان ڪنديون هيون، ڪوهه مان پاڻي ڀري ۽ مقدس پٺيءَ تي کڻي رکي پاڻي آڻينديون هيون. پنهنجو پاڻ چڪي هلائي اٽو پيهي وٺنديون هيون، انهيءَ ڪري سندس مبارڪ هٿن ۾ ڪڏهن ڦلڪٽا پئجي ويندا هئا اهڙي طرح مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ڌيءَ حضرت اسماءَ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي باري ۾ به روايت آهي ته هوءَ پنهنجي غريب مڙس حضرت زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٽ پنهنجي گهر جو سڀ ڪم پنهنجي هٿن سان ڪنديون هيون، ايتري تائين جو باغن مان کجور جون ککڙيون پنهنجي مٿي تي آڻي اُنن کي چارينديون هيون ۽ گهوڙن لاءِ گاهه وغيره به آڻينديون هيون. (جنتی زیور، ص60)

## ڇوڪرين کي گهرداري ۾ هي هي شيون سيکارڻ گهرجن:

ڇوڪرين لاءِ آسان گهريلو ڪاريگريون هي آهن: ڪپڙا، ٽوپيون سبڻ ۽ هٿ سان ٽانڪو لڳائڻ وغيره.

**کاڌي ۾:** ماني، هر قسم جي دال، سبزيون، مرغي، گوشت، ڪليجي، قيمو، ڪڙائي، پڪوڙا، سموسا، پلاءُ وغيره عام طور ٺاهڻ ايندا هجن ۽ جڏهن خصوصيت سان ٺاهڻو هجي يا ڪنهن جي دعوت هجي تڏهن به مختلف کاڌا ٺاهڻ ايندا هجن جيئن برياني، قورمو، ڪڙائي، ڪوفتا ۽ ٻيا رائج کاڌا ۽ اهڙا کاڌا جيڪي ڪنهن خاندان ۾ ذوق ۽ شوق سان کاڌا ويندا هجن، جيئن ته پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ سان تعلق رکندڙ ماڻهو ساڳ، مڇي پلو شوق سان کائيندا آهن، اهڙي طرح ٻين ٻولين سان تعلق رکندڙ پنهنجي خاندان جي نوعيت جي حساب سان کاڌي پچائڻ جي معاملات تي غور ڪري سگهن ٿيون. ائين ئي اچار، چٽڻي مربه وغيره ٺاهڻ ايندا هجن جو هي هر گهر ۾ شوق سان کاڌا ويندا آهن.

**مشروبات:** موسم جي مطابق مشروبات ٺاهڻ ايندا هجن. جيئن اونهاري ۾ لسي، ڳڙ، ستو جو شربت، ليمو پاڻي ۽ انب ڪيلي جو شيڪ گهڻو استعمال ڪيو ويندو آهي.

**بيماريءَ ۾:** گهر ۾ اوچتو ڪو حادثو پيش اچي وڃي جيئن گرم تيل، ٻاهه ۾ سڙڻ وغيره، ڪنهن شيءِ سان جسم جو ڪو حصو ڪٽجي وڃي ۽ رت وهي، هٿ، پير، چيلهه وغيره ۾ چڪ پئجي وڃي، ڪو ٻار يا وڏو ڪري پئي ته پهريان ٽريٽمنٽ ڪيئن ڏني وڃي اهو طريقو به ماءُ کي پنهنجي ڌيءَ کي

ضرور سيکارڻ گهرجي.

اهڙي طرح گهر ۾ موجود سڀ ٿانوَ ڌوئي ان کي الماڙي يا ڪٻٽ تي ابتو ڪري رکڻ ۽ جيڪڏهن ان برتن کي ٻيهر استعمال ڪرڻ چاهيو ته ان برتن کي ڌوئڻ کان سواءِ استعمال نه ڪريو. هفتي يا ڏهن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن گهر جي مڪمل صفائي لاءِ مقرر ڪيو وڃي جو انهيءَ ئي ڏينهن سڄو ڪم ڇڏي ڪري سڄو گهر صاف ڪيو وڃي.

جيڪڏهن ڇوڪريون انهن ڪمن ۾ هنرن کي چڱيءَ طرح سکي وٺن ته انشآءَ الله گهرداري جي ڪمن جي حوالي سان اهي پريشان نه ٿينديون.

## ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا (اگسٽ 2024)

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ماڻهو سڀ کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري ان کي گهرجي تہ ان جو نالو چڱو رکي. (جمع الجوامع، 3/ 285، حديث: 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙين جا 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ انهن جون نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

### ٻارن جا 3 نالا

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عبدُ القوي | قوت ڏيڻ واري جو ٻانهو | الله پاڪ جي صفاتي نالي ڏانهن لفظِ عبد جي اضافت سان |
| محمد | سُلطان | بادشاھ، حجت، قوي دليل | سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو صفاتي نالو |
| محمد | سُلَيمان | بي عيب شخص | الله پاڪ جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام جو مبارڪ نالو |

### ٻارڙين جا 3 نالا

| | | |
|---|---|---|
| زُرَيْنہ | سُنهري | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عنها جو بابرڪت نالو |
| فُرَيْعہ | وڏن وارن واري | سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صحابيہ جو مبارڪ نالو |
| سِدْرہ | ٻير جو وڻ | حضرت سيدنا فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عنه جي نُنهن جو نالو |

(جن وٽ ڌي يا پُٽ جي ولادت ٿئي اهي چاهين تہ هنن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکن)

# بدشگوني جي براين تي 2 حديثون

اسان جي پياري آقاؐ مکي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَيْسَ مِنَّا مَنْ تَطَيَّرَ وَلَا تُطُيِّرَ لَهٗ جنهن بدشگوني ورتي ۽ جنهن لاءِ بدشگوني ورتي وئي اهو اسان مان ناهي.(مُسْنَدِ بَزَّاز، جلد:9، صفحہ:52، حديث:3578۔) اسان جي نبي، سچي نبي، سٺي نبي، آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪهانت( فال ڪڍي) يا جيڪو تيرن جي ذريعي فال ڪڍي يا جيڪو بدشگوني جي ڪري سفر کان موٽي اچي اهو ماڻهو ڪڏهن بلند درجن تائين نہ پهچي سگهندو.(مجمعُ الزّوائِد، جلد:5، صفحہ:144، حديث:8487۔)